# بهترين خطا ڪندڙ ڪير؟

02-March-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

2 مارچ، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بهترين خطا ڪندڙ ڪير؟

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... گناهَ تي ڄمي نہ رهو!

✿... انسان تي الله پاڪ جون ڪرم نوازيون

✿... توبه ڪرڻ واري مومن جو مثال

✿... ٻانهي وٽ الله ڪريم جا 2 راز

✿... شبِ براءت توبه جي رات آهي

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

اَلْقولُ البديع ۾آهي: انتقال ڪان بعد حضرت ابو العباس احمد بن منصور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي اهلِ شيراز مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ اهي مٿي تي موتين جو تاج سجائي جنّتي لباس پائي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن، خواب ڏسڻ واري عرض ڪيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني اللّٰہ پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: مان ڪثرت سان دُرود شريف پڙهندو هيس، اهو ئي عمل ڪم اچي ويو جو اللّٰہ پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي تاج پارائي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو.[1]

ہر درد کی دوا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم) | تعویذِ ہر بلا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾

[1] القول البديع،صفحہ:123۔

داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڏي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تنهنجي توبه قبول آهي

مشهور صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جو ذڪر آهي مان رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اقتداء ۾ عشاء جي نماز پڙهي ڪري واپس وڃي رهيو هيس، مون ڏٺو ته هڪ عورت پاڻ کي چڳي طرح ڍڪي ڪري رستي جي ڪناري تي بيٺي آهي، ان مون کي سڏي ڪري چيو: اي ابو هريره! مون کان تمام وڏو گناهه ٿي ويو آهي، ڇا منهنجي لاءِ ڪا توبهه آهي؟ مون ان کان گناهه جي تفصيل پڇا ڪئي، ته ان ٻڌايو ته مون چيو: تون هلاڪ ٿي وئين ۽ ٻين کي به هلاڪت ۾ وِجهي ڇڏي(ايڏو وڏو گناهه ڪرڻ کان بعد به توبهه جي اميد رکين ٿي)، الله پاڪ جو قَسم! تنهنجي لاءِ ڪا توبهه نه آهي،

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: ان خاتون جيئن منهنجي ڳالهه ٻڌي ته ان تي ندامت ۽ شرمندگي جو غلبو ٿيو، اها تمام گهڻو ڏکڻ لڳي ۽ ڏڪندي ڏڪندي بي هوش ٿي ڪِري پئي، مان رستو وٺي هليو ويس.

پوءِ مون کي خيال آيو ته الله پاڪ جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1]... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

اسان جي وچ ۾ موجود آهن، مون پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان پڇڻ جي بغير ئي حڪم ٻڌائي ڇڏيو، جيئن ته صبح ٿيو ته بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سڄو احوال عرض ڪيو، نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ منهنجي ڳالھ ٻڌي ته فرمايائون: اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ، اي ابو هريره! تون پاڻ به هلاڪ ٿئين ۽ ان عورت کي به هلاڪت ۾ وِڌي، ڇا تو کي الله پاڪ جو هي فرمان ياد نه آهي:

اِلَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓىٕكَ یُبَدِّلُ اللّٰهُ سَیِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا(۷۰)

(سيپارو: 19، سورة فُرقان: 70)

ترجمو ڪنزالعرفان: پر جيڪو توبھ ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱو ڪم ڪري ته اهڙن جي بُرائين کي الله نيڪين سان بدلائي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جڏهن آيتِ ڪريمه ۽ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ ذيشان ٻڌو ته کين احساس ٿيو ته مون غلط مسئلو ٻڌائي ڇڏيو آهي، سندن تي احساس جو ايترو ته غلبو ٿيو جو پاڻ مديني پاڪ جي گھٽين ۾ آواز ڏيڻ لڳا: هڪ عورت رات مون کان مسئلو پڇيو هو، ڪو ٻڌائي سگھي ٿو ته اها عورت ڪير آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ سڄو ڏينهن اهڙيءَ طرح صدائون لڳائيندا رهيا، ايستائين جو جڏهن رات ٿي ته اها عورت مون کي ڪالهوڪي جڳھ تي بيٺي نظر آئي، مون ان کي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان ٻڌايو ۽ چيومانس ته بيشڪ تنهنجي لاءِ توبھ آهي (يعني الله پاڪ وڏو غفّار آهي، تون توبھ ڪر ته الله پاڪ قبول فرمائيندو)، اهو ٻڌندي ئي اها عورت خوش ٿي وئي ۽ خوشيءَ وچان چيائين: منهنجو هڪ باغ

آھي، مان پنھنجي گناھ جي ڪفّاري ۾ اھو باغ راهِ خُدا ۾ صدقو ڪريان ٿي.[1]

دردِ دِل کر مجھے عطا یاربّ!
دے مرے دَرد کی دَوا یاربّ!
لاج رکھ لے گنہگاروں کی
نام رحمٰن ہے ترا یاربّ!
عیب میرے نہ کھول محشر میں
نام ستّار ہے ترا یاربّ!
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل
نام غفّار ہے ترا یاربّ![2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## غلط مسئلو بيان نہ ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن روايت مان اسان کي گھڻا سارا مدني گُلَ سکڻ جي لاءِ مِلن ٿا: (1): ھڪ مدني گُل تہ ھي مليو تہ اسان کي ڪڏھن بہ علم جي بغير پنھنجي طرف کان ڪو شرعي مسئلو نہ ٻڌائڻ گھرجي، جيڪو بغير علم جي ديني مسئلا ٻڌائيندو آھي اھو پاڻ بہ ھلاڪ ٿيندو آھي ٻين کي بہ ھلاڪت ۾ وجھندو آھي. (2): ٻيو مدني گُل ھي مِليو تہ الله نہ ڪري ڪو ڪنھن کي غلط مَسئلو ٻڌائي وينو آھي يا ڪڏھن دُرست مسئلو ٻڌائيندي ٻڌائيندي ڪا غلطي ڪري وڃي تہ ان کي گھرجي تہ ان جو ازالو ڪري، ڏسو! حضرت ابو ھريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کي جڏھن دُرست مسئلي جي خبر پئي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه ان جو ڇا ۽ ڪھڙو ازالو ڪيو: سڄو ڏينھن مديني جي گھٽين ۾ صدائون لڳائيندو رھيو تہ ڪو ان خاتون جي مُتعلق ٻڌائي (تہ جيئن ان کي درست مسئلو ٻڌائي سگھان) سُبْحٰنَ الله صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جون ادائون بہ نراليون آھن

ان دور ۾ ظاھر آھي تہ پاڻ ۾ رابطن جا اھڙا ذريعا نہ ھئا جھڙا اڄ آھن

[1] ڪتَابُ التَّوَّابِين ،صفحہ:94۔
[2] ذَوقِ نعت،صفحہ:84۔

اڄڪلهه فيس بُڪ ❁ يوٽيوب ❁ موبائل فون ❁ انسٽاگرام خبر ناهي ڇا ڇا ايجاد ٿي ويو آهي ۽ گڏوگڏ بي احتياطي به وڏي وئي آهي ❁ ماڻهو غلط مسئلا شيئر ڪندا رهن ٿا ❁ ميسجز هلائي ڇڏيندا آهن ❁ ديني معلومات ته هوندي ناهي، بَس ڪو ميسج آيو، ڪا پوسٽ آئي، سُني لڳي ۽ اڳتي شيئر ڪري ڇڏي، هڪ بٽڻ دٻائڻ جي دير آهي، هڪ به نه، سَوَن، هزارن بلڪ لکين ماڻهن تائين اها غلطي پهچي ويندي آهي. هاڻي ان جو ازالو ڪير ڪري؟ ديني معلومات هوندي ته خبر پوندي ته مون غلط مسئلو شيئر ڪري ڇڏيو آهي.

بهرحال! غلط مسئلا، ڪنهن غلط ڳالهه کي دين جي طرف منسوب ڪري عوام تائين پهچائڻ سخت خطرناڪ آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا

(سيپارو:7 سورة انعام: 21)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير جيڪو الله تي ڪوڙ هڻي.

معلوم ٿيو: الله پاڪ تي ڪوڙ هڻڻ وارو سڀني کان وڌ ظالم آهي، جڏهن اسان ڪنهن کي ديني مسئلو ٻڌايون ته ان جو مطلب اهو ئي ته آهي الله ۽ رسول (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ان جي باري ۾ هي حڪم فرمايو آهي، جيڪڏهن اهو مسئلو غلط آهي ته هي الله پاڪ تي ڪوڙ ٿي ويندو ۽ الله پاڪ تي ڪوڙ هڻڻ وارو سڀني کان وڌ ظالم آهي. الله پاڪ جي پناهه! الله پاڪ اسان کي محفوظ فرمائي.

بهرحال! جنهن فيس بُڪ تي، يوٽيوب تي، انسٽاگرام يا واٽس ايپ (***WhatsApp***) وغيره تي غلط مسئلو پوسٽ ڪري ڇڏيو ته ان کي گهرجي ته فوراً ان جو ازالو ڪري، مثال طور ڪا اهڙي تحرير ناهي ته فلاڻي ڏينهن مون فلاڻي پوسٽ ڪئي هئي، ان ۾ هي ڳالهه غلط هئي، درست ڳالهه هيئن آهي، لهٰذا مان پنهنجي غلطي کان توبهه ۽ رجوع ڪريان ٿو.

۽ ان سيني جو بهترين حل هي آهي ته جيڪو ڪجهه شيئر ڪرڻو هجي عُلماءِ ڪرام کي ڏيکاري ڪري شيئر ڪندا ڪيو ۽ هڪ نهايت آسان حل هي آهي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ **www.dawateislami.net** تي ***Gallery*** جي نالي سان هڪ آپشن آهي، ان ۾ مُفتيانِ ڪرام کان پچيل اسلامي پوسٽون موجود آهن، اتان کان پوسٽ ڊاؤن لوڊ ڪري اها شيئر ڪريو، اهڙيءَ طرح انهيءَ ويب سائٽ تي هڪ آپشن آهي: ***Public Service Message*** ان ۾ تمام پيارا پيارا ديني ۽ اصلاحي شارٽ ويڊيو ڪلپس موجود آهن، اهي به ڊاؤن لوڊ ڪري سوشل ميڊيا تي شيئر ڪري ثواب ڪمائي سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڻ گناه ڪيوئي ناهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو سبق آموز واقعو پڙهيو، ان مان هڪ اهم ترين مدني گُل هي به سکڻ جي لاءِ ملي ٿو ته ماڻهوءَ چاهي ڪيڏو به گناه ڇونه ڪري ورتو هجي، جيڪڏهن اهو پنهنجي گناه تي شرمنده هجي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ رجوع ڪري ته الله پاڪ ان جي توبهه قبول فرمائيندو آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَن لَّاذَنْبَ لَهٗ گناه کان توبهه ڪرڻ وارو اهڙو آهي جڻ ان گناه ڪيو ئي ناهي.[1]

## انسان تي الله پاڪ جون ڪرم نوازيون

حضرت عبدُ الله بن عُبيد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي، فرمائن ٿا: الله پاڪ جي نبي اسان سيني جي والِدِ محترم حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه

[1] ابنِ ماجه،ڪتاب الزهد،باب ذڪر توبه،صفحه:689،حديث:4250۔

۾عرض ڪيو: اي ربَّ ڪريم! تو شيطان کي منهنجو دشمن بڻايو آهي، پر منهنجو اولاد ان جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت نه ٿو رکي، الله پاڪ فرمايو: اي آدم! اوهان جي اولاد مان (قيامت تائين جيڪو به انسان پيدا ٿيندو) مان ان سان گڏ هڪ محافظ ملائڪ مقرر فرمائيندُس جيڪو ان جي شيطان کان حفاظت ڪندو. حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام عرض ڪيو: مولا! وڌيڪ ڪرم فرماءِ. الله پاڪ فرمايو: اي آدم! اوهان جي اولاد کي هڪ نيڪي جو اجر ڏهه ڀيرا ملندو ۽ ان ۾ اجان وڌائيندُس جڏهن ته گناهه هڪ ئي لکيو ويندو ۽ ان کي مان مِٽائي به ڇڏيندُس. حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام وري عرض ڪيو: مولا وڌيڪ ڪرم فرماءِ. الله پاڪ فرمايو: اي آدم! جيستائين روح انسان جي جسم ۾ رهندو، مان ان جي توبهه قبول ڪندو رهندُس.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو پاڪ پروردگار ڪيڏو ڪريم، ڪيترو رحيم آهي، لهٰذا جڏهن به گناهه ٿي وڃي ته ربّ ڪريم جي حضور حاضر ٿي وڃو، توبهه ڪيو، پنهنجي غلطي جو اقرار ڪري شرمنده ٿيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توبهه قبول ٿيندي ۽ گناهن جي ميراڻ کان دامن صاف ٿي ويندو.

## توبهه جي برڪت فوراً ظاهر ٿي

حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا ڪامل ولي گذريا آهن، بصره شهر جا رهائشي هئا، توبهه ڪرڻ کان پهريان تمام وڏا امير هئا ۽ ماڻهن کي وياج تي قرض ڏيندا هئا، حال هيءُ هو جو جڏهن ڪنهن قرضدار کان قرض جي رقم واپس وٺڻ ويندا هئا ۽ هو نه ڏئي سگهندو ته ان کان پنهنجي وقت ضايع ٿيڻ جو جُرمانو به وٺندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ ڪنهن قرضدار وٽ پهتا، دروازي تي آواز ڏنائون، اهو قرضدار پاڻ ته گهر موجود نه هو، البت ان جي گهرواري چيو ته منهنجو مُڙس گهر ۾ موجود ناهي، نه ئي مون وٽ رقم آهي جو اوهان کي ڏئي

ڇڏيان، البت اڄ اسان ٻڪري ذبح ڪئي هئي، ان جو سڄو گوشت ختم ٿي چڪو آهي، مُنڍي باقي آهي، اها ونڻ چاهيو تہ ونو، حبيب عجمي (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) ٻڪري جي مُنڍي ورتي ۽ گهر موٽي آيا، گهرواري کي چيائين: هن کي پچاءِ! گهرواري چيو: گهر ۾ نہ ڪاٺيون آهن، نہ ٻيو راشن، جيئن تہ پاڻ ڪاٺيون وغيره بہ قرضدارن جي ئي گهران ڪٽي آيا، گهر واري ديڳڙي چاڙهي، اجان ڪاڏو تيار بہ نہ ٿيو هو تہ هڪ پينو (سوالي) اچي پهتو، حبيب عجمي (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) ان کي بہ دڙڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو، ڪاڏو تيار ٿي چڪو هو، پاڻ ڪائڻ جي لاءِ وينا پر جيئن گهرواريءَ ديڳڙي کولي تہ ان ۾ ٻڪري جي مُنڍي جي جڳهہ رت ئي رت پريل هو، گهرواري پڪاري ڪري چيو: ڏس تنهنجي ڪنجوسي جو نتيجو...!! ديڳڙي رت سان پري پئي آهي.

ديڳڙيءَ جو ائين رت سان تبديل ٿي وڃڻ ڇڻ قدرت جي هڪ آگاهي هئي، جنهن کي حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سنجيده ورتو ۽ فوراً ئي تمام گناهَ ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪري ورتو، هاڻي حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهر کان باهر نڪتا، گهٽيءَ مان گذري رهيا هئا تہ اتي راند ڪيڏيندڙ ٻارن هڪٻئي کي چيو: پري ٿي وڃو! حبيب وياج خور اچي رهيو آهي، ڪٿي ان جي پيرن جي ڌوڙ اسان تي پئجي وئي تہ اسان بہ بدبخت ٿي ويندا سين.

هيءَ ٻي چوٽ هئي، هاڻي تہ حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دل بلڪل نرم ٿي وئي، پاڻ فوراً حضرت امام حَسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سيني گناهن کان سچي توبهہ ڪري ورتي.

توبهہ کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واپس گهر موٽي رهيا هئا تہ ڏٺائون اهي ئي ٻار گهٽيءَ ۾ ڪيڏي رهيا هئا، هاڻي انهن ٻارن ڪين ڏسي هڪٻئي کي چوڻ لڳا: هاڻي حبيب توبهہ ڪري چڪو، پري ٿي وڃو، جيڪڏهن اسان جي پيرن جي

ڏوڙ انهن تي پئجي وئي تہ اسان گنهگار ٿي ويندا سين.

حضرت حبيب عجمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ٻارن جي هيءَ ڳالھ ٻڌي تہ تڙپي ويا ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيائون: واھ مالِڪ! تنهنجي قدرت بہ عجيب آهي، اڄ ئي مون توبھ ڪئي ۽ اڄ ئي تو منهنجي نيڪ نامي جو اعلان بہ ڪرائي ڇڏيو.

ان کان بعد حضرت حبيب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سيني جا حقوق ادا ڪيا، جن سان وياج جي ڏي وٺ هئي، سيني جو وياج معاف ڪري ڇڏيائون ۽ دنيا کان پاسيرو ٿي الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويا.[1]

مَحبت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مِری زندگانی | کرم ہو کرم یَاخدا! یاالٰہی![2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا عزت ٻيهر ناهي مِلندي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! توبھ ڪرڻ واري تي الله پاڪ جي رحمت ڪيترو تيزيءَ سان وَسندي آهي. عام طور تي چيو ويندو آهي: عزّت ٻيهر ناهي ملندي.

تي سگهي ٿو ڪهاوت طور ڪنهن حد تائين هي ڳالھ دُرست بہ هجي، باقي الله پاڪ جي ڪرم نوازين کي ڏٺو وڃي، بزرگانِ دين جي زندگي جا حالات پڙهيا وڃن تہ خبر پوندي تہ جيڪڏهن ماڻهو صحيح رستو اختيار ڪري تہ وَيَل عزّت بہ ٻيهر ملي ويندي آهي. ڏسو! حضرت حبيب عجمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وياج جي ڏي وٺ

[1] تَذْكِرَةُ الْاَوْلِياء،نِیمہ اول،ذکر حبیب عجمی رَحمۃُ اللہِ علیہ،صفحہ:56۔
[2] وسَائلِ بخشش،صفحہ:105 ملتقطًا۔

ڪندا هئا، گهٽيءَ جا ٻار بہ ڪائنس نفرت ڪندا هئا، ڪين ڏسي ڪري پري ڀڄي ويندا هئا تہ ڪٿي انهن جي پيرن جي ڌوڙ اسان تي نہ پئجي وڃي، جو اسان بہ بدبخت ٿي وڃون پر جيئن پاڻ توبہ ڪئي، الله پاڪ جي حضور متو جهڪايو، الله ڪريم سان تعلق جوڙيو تہ ڪجهہ ئي دير ڪان بعد اهي ئي ٻارَ چئي رهيا هئا: پري ٿي وڃو! حبيب عجمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪي رستو ڏيو، ڪٿي اسان جي پيرن جي ڌوڙ انهن تي پئجي وئي تہ اسان گنهگار ٿي ويندا سين.

خبر پئي عزّت ٻيهر مِلي ويندي آهي، شرط صرف هڪ آهي: ماڻهو رستو دُرست اختيار ڪري. اولياءِ ڪرام جي سيرت پڙهي ڪري ڏسو! هزارين اولياءِ ڪرام آهن جيڪي توبہ ڪان پهريان گناهن ۾ مشغول هئا، معاشري ۾ انهن ڪي بُري نظر سان ڏٺو ويندو هو، ماڻهون انهن ڪان نفرت ڪندا هئا پر جيئن ئي انهن توبہ ڪئي، نيڪ رستي جا راهي بڻيا، عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف ٿيا تہ اهي ئي ماڻهو جيڪي پهريان نفرت ڪندا هئا، سندن استعمال ڪيل شين مان برڪت حاصل ڪرڻ لڳا ۞ حضرت فضيل بن عياض رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه توبہ ڪان پهريان ڌاڙيل هئا، هيءَ ڪا ڪهاڻي ناهي، واقعي حقيقت آهي تہ رات جو ڪنهن عورت جو ٻار نہ سمهندو هو تہ مائرون چونديون هيون: پٽ! سمهي رهہ! نہ تہ فضيل ڌاڙيل اچي ڪٽي ويندي.[1] جنهن رستي ڪان پاڻ گذرندا هئا، ماڻهو خوف سبب ان رستي ڪان گذرڻ ڇڏي ڏيندا هئا پر جڏهن پاڻ توبہ ڪيائون، جن جو مال ڦريو هيو، واپس ڪيائون، سمورا حقوق ادا ڪيا، الله پاڪ جي عبادت ۾، نيڪ ڪمن ۾ مصروف ٿيا تہ اهي ئي حضرت فضيل بن عياض رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هئا جو وقت جو بادشاهہ بہ سندن دروازي تي بيٺو هو ۽ نهايت عاجزي سان عرض ڪري

---

[1] اوليا رِجال الحديث، فضيل بن عياض، صفحہ:184بتغير قليل۔

رهيو هو: سائين! هڪ دفعو ملاقات جو وقت عطا ڪيو![1]

۞ ائين ئي حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: توبهه کان پهريان شرابي هئا، ٻارَ بہ ڪيس شرابي چئي سڏيندا هئا، سندن ملڻ جو هڪ ئي ٺڪاڻو هو ۽ اهو هو: شراب خانو. اسان سيني کي خبر آهي تہ شرابين، نشو ڪرڻ وارن کي اڄ ڪلهہ اسان جي معاشري ۾ ڪيتري عزّت ڏني ويندي آهي...! تہ اُن دور ۾ جڏهن نيڪي غالب هئي، ان وقت شرابين کي ڪهڙين نگاهن سان ڏٺو ويندو هوندو پر الله ڪريم جي رحمت تي قربان وڃو! حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه توبهه ڪئي، نيڪ رستي جا مسافر بڻيا تہ ربِّ ڪائنات اهڙي عزّت سان نوازيو جو جنهن رستي کان گذرندا هئا، جانور بہ ان رستي جو ادب ڪارڻ اُتي گندگي نہ ڪندا هئا.

هي آهي عزّت جو ٻيهر ملِڻ، اسان درست رستو اختيار ڪري تہ ڏسون، عزّت ملِندي آهي، اسان وٽ ماڻهو سمجهندا آهن ۞ عزّت پيسن سان مِلندي آهي ۞ عزّت منصب ۽ عهدن سان ملندي آهي ۞ سوٽ بوٽ سان مِلندي آهي ۞ ٻانهي وٽ مهانگي گاڏي هجي ۞ مهانگو موبائل هٿ ۾ هجي ۞ هزارين روپين جا ڪپڙا هجن ۞ عاليشان بنگلن ۾ رهندو هجي تہ عزّت ملندي آهي پر ائين ناهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا ؕ (سيپارو: 22، سورة فاطر: آيت: 10) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو عزّت جو طلبگار هجي تہ سڄي عزّت الله ئي وٽ آهي. |
|---|---|

سموري عزّت الله پاڪ وٽ آهي، عزّت ۽ ذلت جو مالڪ ربِّ ڪائنات آهي، ان جي دروازي تي اچو، اتي مٿو جهڪايو، گناهن کان توبهہ ڪيو، پنهنجي مالِڪِ

[1] تَذْكِرَةُ الْاَوْلِيَاء،نعیمہ اول،ذکرفضیل عیاض رَحمۃُ اللہِ علیہ ،صفحہ:78ماخوذاً۔

ڪريم جي حضور حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو! پڄي ويل ٻانهو حاضر آهي، اي مالڪِ ڪريم! قبول فرماءِ هن گنهگار ٻانهي تي ڪرم فرماءِ، ٻانهو پنهنجي گناهن، نافرمانين تي سچي دل سان شرمنده ٿي ڪري عرض ڪري:

| | |
|---|---|
| میں بندۂ عاصی ہوں، خطاکار ہوں مولیٰ! | لیکن تری رحمت کا طلبگار ہوں مولیٰ! |
| وابستہ ہے اُمّید مری تیرے کرم سے | تیرا ہوں، فقط تیرا پرَستار ہوں مولیٰ! |

هي آهي عزّت مِلڻ جي درست راهه، هتي جهڪي ڪري ڏسو! الله ڪريم نوازيندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ضرور نوازيندو.

## راهِ خُدا ۾ پهريون قدم

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: راهِ خُدا جون ڪوڙ منزلون آهن: ❁ مقامِ ورع ❁ مقامِ زهد مقامِ فقر ❁ مقامِ صبر ❁ توڪل ❁ رِضا وغيره ڪوڙ منزلون آهن، البت جنهن ڪي راهِ خُدا تي هلڻو هجي، ان جي لاءِ سڀني کان پهريون قدم توبهه آهي.[1]

هي هڪ مُنڊ آهي. ڏاڍو وچڙي (قاسي) وڃي ان کي ڪيئن کوليندا آهيون؟ سڀ کان پهريان مُنڊ ڳوليندا آهيون، مُنڊ مِلي وڃي تہ وچڙيل ڏاڍو آساني سان کُلي ويندو آهي، اسان جون زندگيون وچڙيل آهن ❁ ڪو پيسن ۾ ڦاٿل آهي ❁ ڪو عهدي ۽ منصب جي طرف ڊوڙي رهيو آهي❁ڪو پريشانين ۾ گرفتار آهي ❁ ڪو جاڳندي اکين سان خواب ڏسڻ ۾ مصروف آهي، زندگيون وچڙيل آهن، جيڪڏهن انهن کي کولڻو آهي تہ مند پڪڙيون ۽ مُنڊ ڪهڙو آهي؟ توبهه.

هي الله پاڪ جي وڏي ڪرم نوازي آهي، ان توبهه جو دروازو هميشہ کُليل رکيو آهي، اسان زندگي جي جنهن بہ موڙ تي آهيون، اسان زمين کان آسمان تائين گناهہ ڪري چڏيا آهن، گناهن جي پهاڙن جي هينان دٻجي چڪا آهيون، پوءِ

[1] اللُّمَع،باب:21، صفحہ:109۔

۽ مُنهِن موجود آهي، جتي آهيون اتان ئي زندگي جو رُخ موڙيون، پنهنجي ربّ ڪريم جي حُضور متو جهڪائي ڪري عرض ڪيون:

ڪب گناہوں سے کنارا میں کروں گا یارب!
نیک کب اے مرے اللہ! بنوں گا یارب!
عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## توبھ ڪرڻ واري مومن جو مثال

هڪ ڀيري الله پاڪ جي نبي حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي ساٿين سان تشريف فرما هئا، هڪ نهايت خوبصورت، حسين ۽ جميل پکي اتي اچي وينو سندن سامهون زمين تي ليٽڻ لڳو، ان پنهنجو پاڻ کي زمين تي ايترو ته رَهڙيو جو سندس گلَ لهي وئي، هاڻي اهو ڳاڙهو نوڙهو ۽ تمام بدصورت نظر اچڻ لڳو، پوءِ اهو ڳپَ ۾ ويو، اتي ليٽيو، جنهن سان اهو اجان ۾ بدصورت ٿي ويو، ان کان بعد اهو وهندڙ پاڻيءَ ۾ ويو، اتي وِهتو ته ان جو پهريان جهڙو حُسن موٽي آيو، جسم تان ڳپَ ۾ لهي وئي، کلَ ۾ نئين سر اچي وئي، بلڪل پهرين وانگر ٿي ويو. الله پاڪ جي نبي حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام هي ڏسي ڪري پنهنجي حوارين کي فرمايو: هي پکي توهان جي طرف نشاني ٻڌائي ڪري موڪليو ويو آهي، هي مومن جو مثال آهي، مومن ٻانهو گناهه ڪندو آهي، پاڻ کي بدصورت ۽ ڪندو ڪري ڇڏيندو آهي، پوءِ جڏهن اهو توبهه ڪندو آهي ته گناهن جي ڪارڻ ان کان پري ٿي ويندي آهي ۽ اهو پهرين وانگر حسين ۽

جميل تي ويندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي توبهه جي برڪت آهي، اسان کي صرف احساس ڪرڻو آهي، اڪيلائي ۾ ويهي ڪري سوچڻو آهي: ❁ مان دنيا ۾ آيس ڪنهن جي لاءِ ۽ ڪري ڇا رهيو آهيان ❁ منهنجا ڏينهن رات ڪهڙن ڪمن ۾ گذري رهيا آهن؟ ❁ منهنجون هي اکيون قرآنِ پاڪ کي ڏسڻ جي لاءِ هيون، مان هنن سان ڇا ڏسندو آهيان؟ ❁ منهنجي زبان ذڪرُ الله ڪرڻ جي لاءِ هئي، مان هن سان ڇا ڳالهائيندو آهيان؟ ❁ منهنجا ڪنَ تلاوت، نعت، نيڪ ڳالهيون ٻڌڻ جي لاءِ هئا، مان هنن سان ڇا ٻڌندو آهيان؟ افسوس! وقت ويجهو آهي، مَلَڪُ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف وٺي ايندا، منهنجي جسم مان روح ڇڪي ڪري ڪڍيو ويندو، پوءِ مون کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو، هاءِ! مون کي پنهنجي ربّ ڪريم جي بارگاه ۾ حاضر ٿيڻو آهي، بَس هي احساس، ندامت، شرمندگي، سچي دل سان توبهه...! هي زندگي جي تمام الجهڻن جو حل آهي.

## ٻانهي وٽ اللّٰه پاڪ جا 2 راز

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: ٻانهي وٽ الله پاڪ جا 2 راز هوندا آهن جنهن کي الله پاڪ ٻانهي جي طرف الهام فرمائيندو آهي: (1): جڏهن اهو ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر ايندو آهي ته الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي منهنجا ٻانها! مون توکي دنيا ۾ پاڪ ۽ صاف ڪڍيو آهي ۽ زندگي ڏئي ڪري توکي ان تي امين بڻائي ڇڏيو آهي. هاڻي مان ڏسندُس ته تون ڪيئن ٿو امانت جي حفاظت ڪرين؟ ۽ (2): جڏهن ان جو روح نڪرندو آهي ته الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي منهنجا ٻانها! تو پاڻ وٽ موجود منهنجي امانت سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ ڇا تو ان جي حفاظت ڪئي ته جيئن پنهنجي عهدي تي قائم رهندي مون سان ملاقات ڪرين

[1] حِلْيَةُ الْاَوْلِيَاء،جلد:6، صفحه:60۔

تہ مان بہ پنهنجو قول پورو ڪيان يا پوءِ تو ان ڪي ضايع ڪري ڇڏيو تہ مان پڇا ڳاڇا ۽ پڪڙ ڪيان؟[1]

## ماڻهو سڄي عُمر روئي تڏهن بہ...!!

اي عاشقانِ رسول! فرض ڪيو! ڪنهن ٻانهي وٽ نهايت ئي قيمتي هيرو آهي، ۽ اهو هيرو ان جو پنهنجو ناهي بلڪ ڪنهن جي امانت آهي، هاڻي اهو هيرو ان کان ڪٿي گُم ٿي وڃي تہ ان ڪي ڪيڏي پريشاني ٿيندي؟ ان ڪي تمام گهڻو غم ٿيندو، شيءِ پنهنجي هجي، گُم ٿي وڃي تہ غم ٿيندو آهي پر گهٽ، ڪنهن ٻئي جي شيءِ گُم ٿي وڃي تہ غم تمام گهڻو ٿيندو آهي، پهريان تہ هي جو لکين ڪروڙين روپين جو نقصان ٿي ويو، ٻيو هي تہ جنهن جي شيءِ هئي، هاڻي خبر ناهي تہ اهو منهنجي خلاف ڪهڙي ڪاروائي ڪندو، هيءَ ٻيٽي پريشان ٿيندي آهي. هاڻي ٿورو غور فرمايو! زندگي اسان وٽ امانت آهي، اسان جو هر ساهہ امانت آهي ۽ هر ساهہ انمول هيرو آهي، هاءِ افسوس! اسان هي انمول هيرا ضايع ڪري ڇڏيا، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ڏنل ڪا امانت اسان کان ضايع ٿي وڃي تہ اسان پريشان ٿي ويندا آهيون پر ربّ ڪريم جي عطا ڪيل امانت ضايع ڪرڻ جو اسان ڪي ٿورو بہ غم نہ آهي.

يہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
دل آہ! مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا
افسوس نَدامت بھی عِصیاں پہ نہیں ہوتی
نیکی کی طرف مائل عطاؔر نہیں ہوتا

## گناهہ تي اصرار نہ ڪيو!

اي عاشقانِ رسول! اسان ڪي شرمنده ٿيڻ سکي وٺڻ گهرجي، ياد رکو! گناهہ تي اصرار يعني گناهن جي عادت ٺاهي ڇڏڻ، گناهہ ڪري ان تي جمي وڃڻ، شرمنده نہ ٿيڻ هي تمام وڏي نحوست آهي. اللّٰه پاڪ پنهنجي نيڪ ٻانهن جو

[1] احياء علوم الدين،كتاب التوبة،بيان ان وجوب التوبة ...الخ،جلد:4 ،صفحہ:15 ملتقطًا۔

هي وصف بيان فرمايو آهي ته جڏهن انهن کان ڪو گناهه ٿي وڃي ته ان تي اصرار ناهن ڪندا بلڪ توبهه ڪري الله پاڪ جي طرف رجوع ڪندا آهن، جيئن ته سيپارو: 4، سورة آلِ عمران، آيت: 135 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ الَّذِیْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ۫ وَ مَنْ یَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ۫ۙ وَ لَمْ یُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَ هُمْ یَعْلَمُوْنَ(۱۳۵)

(سيپارو: 4، سورة آلِ عمران، آيت: 135)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي ماڻهو جو جڏهن ڪنهن بي حيائي ڪي ڪري وٺن يا پنهنجي جانن تي ظلم ڪري وٺن ته الله کي ياد ڪري پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ۽ الله کان سواءِ ڪير گناهن کي معاف ڪري سگهي ٿو ۽ اهي ماڻهو ڄاڻي واڻي پنهنجن بُرن عملن تي اصرار نه ڪن.

هي آهن الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، جڏهن انهن کان تقاضاءِ بشريت ڪا بُرائي ٿي وڃي، پنهنجي جان تي ظلم ڪري ويهن ته ٽي ڪم ڪندا آهن: (1): ذڪرُ الله ڪندا آهن (2): توبهه ۽ اِستغفار ڪندا آهن (3): ۽ پنهنجي ڪيل تي ڄاڻي واڻي ڪري ڄمندا ناهن.

۽ جيڪو ٻانهو هي وصف اپنائي ته ان کي ملندو ڇا آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اُولٰٓىٕكَ جَزَآؤُهُمْ مَّغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ جَنّٰتٌ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاؕ وَ نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِیْنَ(۱۳۶)

(سيپارو: 4، سورة آلِ عمران، آيت: 136)

ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جو بدلو انهن جي ربّ جي طرف کان بخشش آهي ۽ اهي جنّتون آهن جن جي هيٺيان نهرون جاري آهن. (هي ماڻهو) هميشه انهن (جنّتن) ۾ رهندا ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن جو ڪيترو نه سُٺو بدلو آهي.

سُبْحٰنَ الله! ٻانهو توبهه ڪري، پنهنجي ڪيل گناهه تي ڄمي نه ويهي بلڪ شرمنده

ٿئي ته ان جي مغفرت ڪئي ويندي آهي، ان جي لاءِ جنّت جي بشارت آهي.

| | |
|---|---|
| یاخدا! میری مغفرت فرما | باغِ فِردوس مَرحمت فرما |
| تُوگناہوں کو کر مُعاف اللہ! | میری مقبول معذِرت فرما[1] |

## بهترين خطا ڪندڙ

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: كُلُّ بَنِي آدَمَ خَطَّاءٌ، وَخَيْرُ الْخَطَّائِينَ التَّوَّابُونَ هر ماڻهو کان خطا ٿي ويندي آهي ۽ بهترين خطا ڪندڙ اهو آهي جيڪو توبهه ڪري وٺي.[2]

## انسان هجڻ جي هڪ نشاني

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان انسان آهيون، معصوم ته صرف انبياء ۽ ملائڪ آهن، اسان جهڙن عام انسانن کان خطائون ٿي ئي وينديون آهن، اسان کي توبهه جي طرف وڌڻ گهرجي. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مخلوق ٽي طرح جي آهي: (1): ملائڪ: هي معصوم آهن، هي گناهه ڪندا ئي ناهن (2): شياطين: هي گناهه ئي ڪندا آهن، گناهه ڇڏيندا ناهن (3): ٽئين نمبر تي انسان آهن، انسان کان خطا به ٿيندي آهي ۽ اهو توبهه ڪري نيڪين جي طرف به وڌندو آهي.

لٰهذا ائين ته ٿي ئي نه ٿو سگهي جو اسان جهڙن عام انسانن کان ڪڏهن گناهه ٿي ئي نه، باقي ٻه ئي صورتون بچن ٿيون: (1): انسان گناهه تي جمي وڃي، هي شيطان جو وصف آهي (2): جڏهن ٻانهي کان گناهه ٿي وڃي ته فوراً توبهه جي طرف وڌي، هي انسان هجڻ جي نشاني آهي.[3]

---

[1] وسائلِ بخشش،صفحہ:75ملتقطًا۔

[2] ابنِ ماجہ،کتاب الزہد،باب ذکر التوبۃ،صفحہ:689 ،حدیث:4251۔

[3] احْيَاءُ الْعُلُوْم مترجم، جلد:4، صفحہ:10 بتغیر قلیل۔

## شرمسار ٻانهي جي حڪايت

ڪِتابُ التَّوابِين صفحو 81 تي لکيل آهي: هڪ اسرائيلي شخص کان گناهه تي ويو اهو تمام شرمنده ٿيو ۽ بي قرار ٿي ڪري هيڏانهن کان هوڏانهن ڀڄڻ لڳو تہ ڪهڙي طرح ان جو گناهه معاف ٿي وڃي ۽ الله پاڪ ان کان راضي ٿي وڃي. الله پاڪ جي رحمت ڀري بارگاهه ۾ ان جي بي قراري واري ندامت قبول ٿي وئي ۽ الله پاڪ ان کي ولايت جي اعلٰي ترين رتبي صدِّيقِيّت سان نوازي ڇڏيو.[1]

## اَوّاب ڪنهن کي چوندا آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان گنهگار ماڻهو آهيون، اسان کان گناهه ٿي ئي ويندا آهن، بَس اسان کي گهرجي تہ توبهہ ڪندا رهون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿۲۵﴾<br>(سيپارو: 15، بني اسرائيل: 25) | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ بيشڪ اهو توبهہ ڪندڙن کي بخشڻ وارو آهي. |

تمام وڏي مرتبي وارا تابعي بزرگ حضرت سعيد بن مُسيّب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت ۾ اَوّاب مان مُراد اهو شخص آهي جنهن کان گناهه ٿئي ۽ پوءِ توبهہ ڪري وٺي، وري گناهه ٿئي، وري توبهہ ڪري وٺي،[2]

## توبهہ ڪندا رهو!

حضرت محمد بن مُطَرِّف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ ملائڪن کي فرمائيندو آهي: ابنِ آدم بہ ڪهڙو آهي...!! گناهه ڪندو آهي، وري مون کان معافي گهرندو آهي، مان وري ان کي معاف ڪري ڇڏيندو آهيان، وري گناهه ڪندو آهي، وري

---

[1] كتَابُ التَّوَّابِين ،صفحہ:81۔
[2] تَفسيرِ طبری،پارہ:15 ،سورۂ بنی اسرائیل،زیرِ آیت:25 ،جلد:8،صفحہ:65۔

مون ڪام معافي گھرندو آھي، مان وري معاف ڪري ڇڏيندو آھيان، نہ اھو گناھ ڇڏيندو آھي، نہ منھنجي رحمت کان مايوس ٿيندو آھي، اي ملائڪو! گواھ ٿي وڃو! مون ان جي مغفرت ڪري ڇڏي.[1]

| | |
|---|---|
| کر کے توبہ میں پھر گناہوں میں | ہو ہی جاتا ہوں مُبتلا یاربّ! |
| نیم جاں کر دیا گناہوں نے | مرضِ عصیاں سے دے شِفا یاربّ! |
| کس کے در پر میں جاؤں گا مولا | گر تُو ناراض ہو گیا یاربّ![2] |

## توبہ جا فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آھي اسان پنھنجي گناھن تي شرمنده ٿيون، توبھ ڪيون تہ اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! وڏيون برڪتون ملنديون، قرآنِ ڪريم ۾ جيڪي توبھ جا فائدا بيان ٿيا، اچو! ٻڌون ٿا:

(1): توبھ ڪرڻ واري کي فلاح ۽ ڪاميابي ملندي آھي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَتُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾ (سيپارو: 18، سورة نور: 31) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اي مسلمانو! توھان سڀ الله ڏانھن توبھ ڪيو ھن اميد تي تہ توھان ڪاميابي ماڻيو. |

(2): توبھ ڪرڻ واري کي الله پاڪ محبوب رکندو آھي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ (سيپارو: 2، سورة بقرة: 222) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله گھڻي توبھ ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آھي. |

[1] شرح اصول اعتقاد اہل السنۃ و الجماعۃ،جز:6، جلد:3، صفحہ:374،رقم:2013۔
[2] وسائلِ بخشش،صفحہ:79-80۔

(3): توبه ڪرڻ واري تي الله پاڪ جي رحمت وَسندي آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ یَتُوْبُ عَلَیْهِؕ<br>(سيپارو: 6، سورة مائده: 39) | ترجمو ڪنزالعرفان: سو جيڪو پنهنجي ظلم کان پوءِ توبه ڪري ۽ پنهنجي اصلاح ڪري ته الله پنهنجي مهرباني سان ان تي رجوع فرمائيندو. |

(4): ۽ توبه ڪرڻ وارن جو هڪ اهم ترين فائدو هي آهي ته توبه ڪرڻ وارن جا گناهه نيڪين ۾ بدلايا ويندا آهن، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِلَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓىٕكَ یُبَدِّلُ اللّٰهُ سَیِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا(۷۰)<br>(سيپارو: 19، سورة فُرقان: آيت: 70) | ترجمو ڪنزالعرفان: پر جيڪو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱو ڪم ڪري ته اهڙن جي بُرائين کي الله نيڪين سان بدلائي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. |

سبحٰن الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ربّ رحمٰن ۽ رحيم جي ڪهڙي ڪرم نوازي آهي، ماڻهو توبه ڪري ته ان جا گناهه نيڪين ۾ بدلايا ويندا آهن.

## قيامت جي ڏينهن هڪ گناهگار تي ڪرم

غيب ٻڌائڻ واري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي بارگاهِ الاهي ۾ پيش ڪيو ويندو، حڪم ٿيندو: هن جا صغيره گناهه هن تي پيش ڪيو! بهرحال هڪ هڪ ڪري ان جا گناهه پيش ڪيا ويندا، اهو هر هڪ جو اقرار ڪندو ويندو ۽ ڊڄندو هوندو ته اڃان ڪبيره جي واري اچڻي آهي. ايتري ۾ حڪم ٿيندو: تنهنجي هر گناهه جي جڳهه تي هڪ نيڪي

آهي. هاڻي اهو پڪاريندو: مولا! اجان تہ تمام وڏا وڏا گناهہ آهن جن جو ذڪر ئي ناهي ٿيو. حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هي فرمائي ڪري حُضورِ اقدس صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ خوب مُسڪرايا ايستائين جو نُواجذ (يعني مبارڪ ڏاڙهون) ظاهر ٿي ويون.[1]

## شبِ براءت توبھ جي رات آهي

اي عاشقانِ رسول! توبھ نهايت وڏي نعمت آهي، اسان کي توبھ ڪندو رهڻ گهرجي. شبِ براءت تشريف وٺي اچڻ واري آهي، توبھ جي رات آهي، اُمُّ الْمؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہ عَنْھا فرمائن ٿيون: سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ اللہ شعبان جي پندرهين رات آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي، بَس قبيلي بنو ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان بہ وڌيڪ گناهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي.[2]

روايتن جي مطابق شعبان جي 15 هين رات يعني شبِ براءت شروع ٿيڻ کان پهريان پوئين سال جا اعمال ويڙهيا ويندا آهن، ان ڪري هي مبارڪ رات اچڻ کان پهريان پهريان توبھ ڪري اللہ پاڪ کان پنهنجي گذريل گناهن جي معافي گهري وٺڻ گهرجي.

## توبھ جو طريقو

اسلام جا پهريان خليفا حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہ عَنْہ بيان ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص بہ گناهہ ڪري پوءِ چڱي طريقي سان وضو ڪري 2 رڪعتون نماز ادا ڪري ۽ پوءِ اللہ پاڪ کان معافي گهري تہ اللہ پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي. پوءِ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

[1] مسلم،کتاب الایمان،باب ادنی اہل الجنۃ منزلۃ فیہا،صفحہ:93 ،حدیث:190۔
[2] ترمذی،کتاب الصوم،باب ما جاء فی لیلۃ النصف من شعبان ،صفحہ:207 ،حدیث:739۔

آيت تلاوت فرمائي:[1]

وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۟ وَمَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ۟ۙ وَلَمْ يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۵﴾

(سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: آيت: 135)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي ماڻهو جو جڏهن ڪنهن بي حيائي کي ڪري ونن يا پنهنجي جانن تي ظلم ڪري ونن تہ الله کي ياد ڪري پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ۽ الله کان سواءِ ڪير گناهن کي معاف ڪري سگهي ٿو ۽ اهي ماڻهو ڄاڻي واڻي پنهنجن بُرن عملن تي اصرار نہ ڪن.

شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب مدني پنج سوره ۾ فرمائن ٿا: توبهہ ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ جيڪو گناهہ ٿيو خاص ڪري ان گناهہ جو ذڪر ڪري دل ۾ بيزاري ۽ آئينده ان کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪري توبهہ ڪري. مثال طور ڪوڙ ڳالهايو، تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري، اي الله پاڪ! مون جيڪو هي ڪوڙ ڳالهايو هن کان توبهہ ڪيان ٿو آئينده ڪوڙ نہ ڳالهائيندُس. توبهہ جي دوران دل ۾ ڪوڙ کان نفرت هجي ۽ آئينده نہ ڳالهائيندُس چوڻ وقت دل ۾ هي ارادو بہ هجي تہ جيڪو ڪجهہ چئي رهيو آهيان ائين ئي ڪندُس تڏهن ئي توبهہ آهي. جيڪڏهن ٻانهي جي حق تلفي ڪئي آهي تہ توبهہ سان گڏوگڏ ان ٻانهي کان معاف ڪرائڻ بہ ضروري آهي.[2]

## گناهہ مِٽائڻ جو وظيفو

حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِىَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص 3 ڀيرا

[1] ابو داؤد،کتاب الصلاۃ ،باب فی الاستغفار،صفحہ:247 ،حديث:1521۔
[2] مدنی پنج سورہ،صفحہ:344۔

اَسْتَغْفِرُ اللهَ الْعَظِیْمَ الَّذِیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَیُّ الْقَیُّوْمُ وَ اَتُوْبُ اِلَیْهِ (يعني مان الله پاڪ کان مغفرت جو سوال ڪريان ٿو تہ جنهن ڪانسواءِ ڪو معبود نہ آهي ۽ هو پاڻ زنده آهي ۽ ٻين کي قائم رکڻ وارو مان انهيءَ جي طرف رجوع ڪريان ٿو) پڙهندو ان جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي گاڄُ ڪان بہ وڌيڪ هجن.[1]

الله پاڪ اسان کي سچي پڪي توبهہ جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اسان گناهہ ڇڏيون، خوب نيڪيون ڪيون، الله پاڪ کي راضي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃون، ڪاش! ڪاش! شبِ براءت جي صدقي اسان جي مغفرت جو سامان ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!
بُرائیوں پہ پَشیماں ہوں رَحم فرمادے! | ہے تیرے قہر پہ حاوی تری عطا یارب!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسةُ المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي لاءِ، الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانبردار ٻانهو بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسةُ المدينہ بالغان بہ آهي.

[1] تَنْبِیْهُ الْغَافِلِین،باب آخر من التوبۃ،صفحہ:59۔

اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جي تحت مسجدن ۾، اسڪولن ۽ ڪاليج ۽ مارڪيٽ وغيره ۾ لڳڻ واري مدارسُ المدينہ بالغان ۾ وڏي عُمر جي اسلامي ڀائرن کي تجويد سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ بنيادي ضروري احڪام ۽ مسائل ۽ سنّتون ۽ آداب پڻ سيکاريا ويندا آهن.

## سنّتن جو عامل بڻجي ويو

بلوچستان جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان فيشن پرست هيس، چهري تي ڏاڙهي هئي نہ مٿي تي عمامي شريف جو تاج، سنّت جي راهہ کان پري دنيا جي محبت ۾ مسرور پنهنجي قيمتي زندگي کي بي عملي ۽ جهالت جي اونداهي ۾ گذاري رهيو هيس. منهنجي زندگي ۾ روشني جو ڪرڻو هن طرح ظاهر ٿيو جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي تجويد سان قرآنِ پاڪ پڙهڻ جو ذهن ڏنو، نمازِ عشا کان بعد لڳندڙ مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون انهن جي نيڪي جي دعوت کي قبول ڪري ورتو ۽ مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس، الحمد لله! ان جي برڪت سان مون تجويد سان قرآنِ پاڪ سکي ورتو ۽ فيشن پرستي ڇڏي ڪري سنّتن جو عامل بڻجي ويس.

يہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے | تلاوت کرنا صُبح و شام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلمو اينڊ دُعا (Kalma & Dua) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام ئي پياري موبائل ايپليڪيشن بنام ڪلمو اينڊ دُعا

(*Kalma&Dua*) جاري ڪئي آهي. هن ايپليڪيشن جي ذريعي نهايت ئي آسان طريقي سان ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي ❁ هن ايپليڪيشن ۾ ٻارن جي لاءِ 6 ڪلما آڊيو جي صورت ۾ اڪرن جي ادائگي ۽ ترجمي سان گڏ ❁ روزانو جون 16 مختلف دعائون مثال طور پاٽي پيئڻ جي دعا ❁ ڪاڏو ڪائڻ کان پهريان ۽ بعد جي ❁ دُعا ❁ کير پيئڻ جي دعا ❁ سمهڻ وقت جي دعا وغيره اکرن جي ادائگي ۽ ترجمي سان گڏ ۽ مختلف موضات تي سنّتون ۽ آداب وغيره شامل آهن. پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپليڪيشن انسٽال ڪري فائدو کڻو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عيادت ڪرڻ جون سنّتون ۽ آداب

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو بيمار جي عيادت ڪندو آهي اهو جنّت جي باغن ۾ ويهندو آهي، جڏهن اهو اٿندو آهي ته 70 هزار ملائڪ رات

---

[1] تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

تائين ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.[1] (2): جيڪو ثواب جي اميد تي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪري ته ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو.[2]

اي عاشقانِ رسول! بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي آهي بلڪ سنّتِ انبيا آهي ۞ نبين جي نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمه هئي ته ڪنهن به صحابي (رَضِىَ اللهُ عَنْه) جي بيمار ٿيڻ جو اطلاع ملندو هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ۞ جيڪڏهن ڪو شخص 3 ڏينهن مسجد کان غائب رهندو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي مُتعلق ماڻهن کان پڇندا هئا، جيڪڏهن اهو بيمار هوندو هو ته ان جي عيادت فرمائيندا هئا[3] ۞ ۽ عيادت جي لاءِ جيڪڏهن مديني پاڪ کان آخري ڪناري تائين به وڃڻو پوندو هو ته تشريف وٺي ويندا هئا ۽ پنهنجي صحابه (رَضِىَ اللهُ عَنْهم) جي عيادت فرمائيندا هئا[4] ۞ مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اخلاقِ ڪريمه مان آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر امير ۽ غريب جي گهر بيمار پُرسي جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا[5] ۞ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمه هيءَ هئي ته جڏهن ڪنهن بيمار جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ته هي فرمائيندا هئا: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله (يعني: ڪا حرج جي ڳالھ ناهي الله پاڪ چاهيو ته هي مرض (گناهن) کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي) هڪ ڳوناٽي جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويا ته اهو ئي فرمايائون: لَابَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله[6]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3

[1] شعب الایمان، مریض کی عیادت کا باب،جلد:6، صفحہ:531،حدیث:9171۔
[2] ابو داؤد ،کتاب:جنائز ، باب :وضو میں عیادت کی فضیلت، صفحہ: 500، حدیث:3097۔
[3] مسند ابی یعلی، جلد:3، صفحہ: 141، حدیث: 3429۔
[4] مسلم،کتاب: جنائز، مریض کی عیادت کا باب ،صفحہ:331، حدیث:925خلاصۃً۔
[5] مرآۃ المناجیح، جلد: 2، صفحہ:407۔
[6] بُخاری،کتاب: المناقب، صفحہ:919، حدیث:3616 ۔

حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
سادگی چاہیے، عاجزی چاہیے | لینے یہ نعمتیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي فوفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[2] … ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455